# سنڌ ايڪٽ نمبر XV مجريه 1989

# SINDH ACT NO.XV OF 1989

# سنڌ اسپيڪر ۽ ڊپٽي اسپيڪر جون (پگهارون، سهولتون ۽ مراعتون) (ترميم) ايڪٽ، 1989

# THE SINDH SPEAKER'S AND DEPUTY SPEAKER'S (SALARIES, ALLOWANCES AND PRIVILEGES) (AMENDMENT) ACT, 1989

## فهرست (CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 1975 جي سنڌ ايڪٽ VII جي دفعه 7_A جو اضافو
Insertion of section 7_A of Sindh Act VII of 1975

3. 1975 جي سنڌ ايڪٽ VII جي دفعه 8_A جو اضافو
Insertion of section 8_A of Sindh Act VII of 1975

# سنڌ ايڪٽ نمبر XV مجريه 1989

# SINDH ACT NO.XV OF 1989

## سنڌ اسپيڪر ۽ ڊپٽي اسپيڪر جون (پگهارون، سهولتون ۽ مراعتون) (ترميم) ايڪٽ، 1989

## THE SINDH SPEAKER'S AND DEPUTY SPEAKER'S (SALARIES, ALLOWANCES AND PRIVILEGES) (AMENDMENT) ACT, 1989

[31 ڊسمبر 1989]

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ اسپيڪر ۽ ڊپٽي اسپيڪر جون (پگهارون، سهولتون ۽ مراعتون) ايڪٽ، 1975 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته سنڌ اسپيڪر ۽ ڊپٽي اسپيڪر جون (پگهارون، سهولتون ۽ مراعتون) ايڪٽ، 1975 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ اسپيڪر ۽ ڊپٽي اسپيڪر جون (پگهارون، سهولتون ۽ مراعتون) (ترميم) ايڪٽ، 1989 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

1975 جي سنڌ ايڪٽ VII جي دفعه

2. سنڌ اسپيڪر ۽ ڊپٽي اسپيڪر جون (پگهارون، سهولتون ۽ مراعتون) ايڪٽ، 1975 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ بـه ڄاڻايل ايڪٽ سڏيو ويندو، ان جي دفعه 7

ڪانپوءِ، هيٺين نئين دفعہ جو اضافو ڪيو ويندو:

**صوابديدي مالي امداد.** “7_A. (1) اسپيڪر پنهنجي صوابديد طور سال دوران پنجاهہ هزارن تائين مالي امداد ڪري سگهي ٿو:

(2) مالي امداد جا اڪائونٽس سالیانو اڪائونٽنٽ جنرل سنڌ يا سندس نامزد ڪيل عملدار طرفان آڊٽ ڪيا ويندا.

7_A جو اضافو
Insertion of section 7_A of Sindh Act VII of 1975

3. جاڙايل ايڪٽ ۾، دفعہ 8 ڪانپوءِ، هيٺين نئين دفعہ جو اضافو ڪيو ويندو:

**ٽيليفون.** “8_A. اسپيڪر کي حڪومت جي خرچ تي آفيس ۾ بہ ٽيليفون ۽ رهائشگاهہ تي بہ ٽيليفون استعمال ڪرڻ جو حقدار هوندو.

1975 جي سنڌ ايڪٽ VII جي دفعہ 8_A جو اضافو
Insertion of section 8_A of Sindh Act VII of 1975

**نوٽ:_ ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**